# فيضانِ شعبان

سنڌي



پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: فيضان شعبان
ڇاپو پهريون: رجب 1442 مارچ 2021ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علام

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# فيضانِ شعبان

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## 1 فيضانِ شعبان


دعاءِ عطار ........ 1

درود شريف جي فضيلت ........ 1

چند ڏسڻ واجب آهي ........ 2

شعبان المعظم جي نالي جون حڪمتون ........ 3

ماهِ شعبان ۾ رمضان جي استقبال جي تياري ........ 4

صحابہِ ڪرام جو مبارڪ انداز ........ 4

تلاوتِ قرآن جو مهينو ........ 4

اي غافل! ........ 5

شعبان المعظم ۾ ڇا آهي ........ 6

روزن جي عادت ........ 7

شعبان جي روزن سان محبت ........ 8

شفاعتِ مصطفيٰ ........ 9

حضور کي شعبان جا روزا پسند هئڻ جو سبب ........ 9

شبِّ برات ........ 10

شبّ برات جا پندرهن نالا ........ 11

رحمت جا ٽي سو(300) دروازا ........ 11

فرشتن جي عيد ........ 14

سڄي سال جي گناهن جو ڪفارو ........ 14

جنت سجائي ويندي آهي ........ 15

شبّ برات ۾ پياري نبي جون عبادتون ........................ 15
شبّ برات ۾ قبرستان وڃڻ ........................ 16
پنهنجي مرحومن کي ب ياد رکو ........................ 17
رسول اڪرم جي ڏوهٽي جو شبّ برات ۾ معمول ........................ 17
شبِّ براءت ۾ عبادت ڪرڻ مستحب آهي ........................ 18
ستر هزار ملائڪ دعاءِ مغفرت ڪندا ........................ 18
شب برات ۾ اسلاف جي دعا ........................ 18
شبّ براءت ڪيئن گذاريون ........................ 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضانِ شعبان

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو 17 صفحن جو رسالو ”فيضانِ شعبان“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي پنهنجي پياري پياري آخري نبي محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري مهيني شعبان المعظم ۾ خوب عبادت ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

اهلبيت اطهار جي روشن چراغ، حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: جيڪو شعبان المعظم ۾ روزانو ست سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهندو، الله ڪريم ڪجهه ملائڪ مقرر فرمائيندو جيڪي ان درودِ پاڪ کي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ پهچائيندا، هن سان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ خوش ٿيندو پوءِ الله پاڪ اُنهن ملائڪن کي حڪم ڏيندو ته هن درود پڙهڻ واري جي لاءِ قيامت جي ڏينهن تائين دعاءِ مغفرت ڪندا رهو. (القول البديع، ص 395)

دنیا و آخرت میں جب میں رہوں سلامت
پیارے پڑھوں نہ کیونکر تم پر سلام ہر دم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي ٻه گهرجي ته هن مبارڪ

مهيني ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي خوب درودِ پاڪ پڙهون جو شعبان المعظم درود پاڪ پڙهڻ جو مهينو آهي جيئن تہ شارح بخاري حضرت علامہ احمد بن محمد قسطلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ انهن جي حوالي کان حضرت سيدنا شيخ شهاب الدين احمد بن حجازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: بيشڪ شعبان نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف پڙهڻ جو مهينو آهي جو آيتِ درود هن ئي مهيني ۾ نازل ٿي. (مواهب اللدنيه، جلد2 ص 506. تحفة الاخوان، ص 53)

آيت درود هيءَ آهي:

اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓىٕكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّؕ

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا (۵۶)

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ درود موڪلين ٿا هن نبي(غيب ٻڌائيندڙ) تي اي ايمان وارؤ! ان (محبوب) تي درود پڙهو خوب سلام موڪليو. (پ22،الاحزاب:56)

وہ سلامت رہا قیامت میں — پڑھ لئے جس نے دل سے چار سلام
میرے پیارے پہ میرے آقا پر — میری جانب سے لاکھ بار سلام
میری بگڑی بنانے والے پر — بھیج اے میرے کردگار سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چند ڏسڻ واجب آهي

اي عاشقانِ رسول! شعبان المعظم اسلامي سال جو ”اٺون مهينو“

آهي جيڪو رجب المرجب ۽ رمضان المبارڪ جي وچ ۾ آهي.
هي انهن پنجن مهينن مان پهريون مهينو آهي جن جو چند ڏسڻ واجبِ ڪفايه آهي، پنج مهينا هي آهن: (1) شعبان المعظم (2) رمضان المبارڪ (3) شوال المڪرم (4) ذوالقعد الحرام(5) ذوالحجة الحرام.

## شعبان المعظم جي نالي جون حڪمتون

(1) شعبان، شعب مان ٺهيو آهي جنهن جي معنيٰ آهي گهاٽي. چوته هن مهيني ۾ خير و برڪت جو عام طور نزول ٿيندو آهي، انڪري هن کي شعبان المعظم چيو ويندو آهي، جهڙي طرح گهاٽي جبل جو رستو هوندي آهي اهڙي طرح هيءُ مهينو خير و برڪت جو رستو آهي. (مڪاشفة القلوب، ص 303)

(2) رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اِنَّمَا سُمِّيَ شَعْبَانُ لِاَنَّهٗ يَتَشَعَّبُ فِيۡهِ خَيۡرٌ كَثِيۡرٌ لِّلصَّائِمِ فِيۡهِ حَتّٰى يَدۡخُلَ الۡجَنَّةَ يعني هن مهيني کي شعبان انڪري چيو وڃي ٿو جو هن مهيني ۾ روزو رکڻ واري جي لاءِ ڪيئي ڀلايون(ٿارين جيان) ڦٽنديون آهن، ايستائين جو اهو جنت ۾ وڃي پهچندو آهي. (التدوين في اخبار قزوين، جلد1 ص 153) حضرت امام رافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هن حديثِ پاڪ جو مطلب هيءُ آهي تہ ماهِ شعبان ۾ مسلمان ذڪر و اذڪار، نيڪين ۽ قرآنِ پاڪ جي تلاوت جي طرف مائل ٿي ويندا آهن ۽ رمضان المبارڪ جي لاءِ تياري ڪندا آهن. (التدوين في اخبار قزوين، جلد1 ص 153) ۽ شعبان المعظم ۾ رمضان المبارڪ

جي روزن جي فرضيت جو حڪم نازل ٿيو. (حدائق الاولياء، جلد2 ص592)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ماهِ شعبان ۾ رمضان جي استقبال جي تياري

پيارا اسلامي ڀائرو! شعبان جو مهينو ڇوته رمضان کان پهريان ايندو آهي تنهنڪري جهڙي طرح ماهِ رمضان ۾ روزا ۽ تلاوتِ قرآن جو حڪم آهي اهڙي طرح ماهِ شعبان ۾ به ان جي وڏي اهميت آهي ته روزا رکيا وڃن ۽ تلاوتِ قرآن ڪيو وڃي ته جيئن استقبالِ رمضان جي تياري ٿي وڃي ۽ نفس کي عبادتن جي عادت ٿي وڃي.

## صحابهءِ ڪرام جو مبارڪ انداز

جنتي صحابي حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: شعبان جو مهينو ايندو هو ته مسلمان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ۾ مشغول ٿي ويندا هئا، پنهنجي مالن جي زڪوٰة ادا ڪندا هئا ته جيئن ڪمزورن ۽ مسڪينن کي به رمضان جي روزن جي طاقت ملي. (ماذا في شعبان، ص 44)

## تلاوتِ قرآن جو مهينو

عظيم تابعي بزرگ حضرت سلمہ بن ڪُهَيّل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ماهِ شعبان کي تلاتِ قرآن ڪرڻ وارن جو مهينو چيو وڃي ٿو. حضرت حبيب بن ابو ثابت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شعبان جي اچڻ تي فرمائيندا هئا: هي قارين جو مهينو آهي. حضرت عمرو بن قيس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

ماهِ شعبان المعظم جي آمد تي دڪان بند ڪري ڇڏيندا هئا ۽ تلاوتِ قرآنِ ڪريم جي لاءِ فارغ ٿي ويندا هئا. (ماذا في شعبان، ص44)

براءت دے عذابِ قبر سے نارِ جہنم سے
مہ شعباں کے صدقے میں کر فضل و کرم مولیٰ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اي غافل!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم ته هن مبارڪ مهيني کي عبادت ۾ گذارين، تلاوت ڪن، نيڪين جو اهتمام ڪن ۽ اسان غفلت جي ننڊ ستل رهون اهڙن غافلن جي باري ۾ چيو ويو: اي مبارڪ وقتن ۾ ڪوتاهي ڪرڻ وارؤ! هنن وقتن کي ضايع ڪرڻ وارؤ! ۽ انهن کي برن اعمالن سان ڀرڻ وارؤ! توهان ڪيترا برا ڪم هنن مبارڪ وقتن جي حوالي ڪيا! (ڪجھ عربي اشعارن جو ترجمو)

(1) رجب ويو هلي ۽ تو هن ۾ ڪا نيڪي ڪانه ڪئي ۽ هاڻي هيءُ برڪت وارو مهينو شعبان آهي.

(2) اي شعبان جي عظمت کان بي خبر ٿي هنن وقتن کي ضايع ڪرڻ وارا! هوش ۾ اچ ۽ تباهي کان ڊڄ.

(3) تمام جلد سيئي لذتون توکان کسجي وينديون ۽ موت توکي تنهنجي گهر مان زبردستي ڪڍي ڇڏيندو.

(4) سچي ۽ خلوص پري توبہ سان جيتري قدر گناهن جو علاج ڪري سگهين ٿو ڪر.

(5) ۽ جهنم کان سلامتي ڪي ئي پنهنجو مقصد بڻاءِ، بهتر مجرم اهو آهي جيڪو پنهنجي خطائن جو علاج ڪري.

مختصر سی زندگی ہے بھائیو!
نیکیاں کیجئے نہ غفلت کیجئے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شعبان المعظم ۾ چا آهي

حضرت ابو مَعْمَر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ماهِ شعبان بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيو: اي منهنجا ربّ! تو مون کي ٻن عظمتن واري مهيني (رجب ۽ رمضان المبارڪ) جي وچ ۾ رکيو آهي تہ تو منهنجي ڪهڙي فضيلت رکي؟ الله پاڪ ارشاد فرمايو: مون تنهنجي اندر قرآنِ پاڪ جي تلاوت رکي ڇڏي. (الامالي المطلقة، ص125)

پيارا اسلامي ڀائرو! شعبان المعظم ۾ خوب نيڪيون ڪيو، خوب ذڪر و اذڪار، درودِ پاڪ ۽ تلاوتِ قرآن ڪريم ڪري هن عظمت واري مهيني جي خوب تعظيم ڪيو. هن عظمت واري مهيني جي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي تہ هن جي باري ۾ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: شَهْرُ شَعْبَانَ شَهْرِيْ يعني شعبان منهنجو مهينو آهي. (مسند الفردوس، جلد2 ص274، حديث:3276)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جيئن رمضان جي روزن جي تياري ڪندا هئا ائين ئي شعبان جي روزن جي بہ تياري ڪندا هئا. (النور في فضائل الايام والشهور، ص173) پڻ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رمضان جي تعظيم جي لاءِ شعبان جي روزن کي سڀني کان افضل روزا قرار ڏنو. جيئن جنتي صحابي حضرت انس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان سڀ کان افضل روزن جي باري ۾ پڇيو ويو تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: رمضان جي تعظيم جي لاءِ شعبان جا روزا. (ترمذي، جلد2 ص 145، حديث:663)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## روزن جي عادت

شعبان المعظم جي روزن جي هڪ حڪمت اها بہ بيان ڪئي وئي آهي تہ شعبان المعظم جي روزن سان رمضان جي روزن جي مشق (پريڪٽس) ٿي وڃي تہ جيئن رمضان جي روزن ۾ مشقت ۽ تڪليف محسوس نہ ٿئي بلڪ تيستائين پاڻهي کي روزن جي عادت پئجي وڃي ۽ رمضان کان پهريان شعبان ۾ روزن جي مٺاڻ ۽ لذّت جو احساس ٿئي، تنهنڪري جڏهن رمضان جو مهينو اچي تہ پاڻهو چستي سان رمضان جا روزا رکڻ لڳي. (لطائف المعارف ص 155)

## شعبان جي روزن سان محبت

اُمُّ المؤمنين حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون: رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ماهِ شعبان ۾ روزا رکڻ تمام مهينن کان وڌيڪ پسند هئا جو هن مهيني ۾ روزا رکندا هئا پوءِ ان کي رمضان سان ملائي ڇڏيندا هئا. (ابوداؤد، جلد2 ص476، حديث:2431)

اُمُّ المؤمنين حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا کان ئي روايت آهي: رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي شعبان جا روزا رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: پنهنجي استطاعت جي مطابق عمل ڪيو جو الله پاڪ ان وقت تائين پنهنجو فضل ناهي روڪيندو جيستائين توهان ٿڪجي نہ پئو. (بخاري شريف، جلد1 ص 648، حديث:1970 مختصراً)

شارحِ بخاري حضرت علامہ مفتي شريف الحق امجدي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا: مُراد هيءُ آهي تہ شعبان جي اڪثر ڏينهن جا روزا رکندا هئا ان کي زيادتي جي لحاظ سان سڄو مهينو روزا رکڻ سان تعبير ڪيو ويو. جيئن چون ٿا: ”فلاڻي سڄي رات عبادت ڪئي“ جڏهن تہ ان رات واري ماني بہ کاڌي هجي ۽ ضروري ڪم ڪار کان فارغ بہ ٿي ويو هجي، هتي غلبي ۽ زيادتي جو اعتبار ڪندي اڪثر کي ”ڪُل“ چيو ويو. وڌيڪ فرمائن ٿا: هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو تہ شعبان ۾ جنهن کي طاقت هجي اهو وڌ کان وڌ روزا رکي. البتہ جيڪو ڪمزور آهي ان کي شعبان جا روزا نہ رکڻ گهرجن ڇوتہ ان سان رمضان جي روزن تي اثر پوندو. اهو ئي مقصد آهي انهن حديثن جو جن ۾ فرمايو ويو تہ نصف (يعني اڌ) شعبان کان پوءِ روزا نہ رکو. (نزهة القاري، جلد3 ص377 کان 380)

جيڪڏهن ڪو سڄي شعبان المعظم جا روزا رکي ٻه ٿو ته ان کي منع ڪانه ڪبي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جا ڪيئي اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون رجب المرجب ۽ شعبان المعظم ٻنهي مهينن جا روزا رکندا آهن ۽ لاڳيتو روزا رکندي اهي رمضان المبارڪ سان ملي ويندا آهن.

## شفاعتِ مصطفيٰ

حضرت علامہ شاھ فضل حق بدايوني رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو شعبان المعظم جا روزا انکري رکي جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پسند هئاء ان کي حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت نصيب ٿيندي. (المعتقد المنتقد، ص 129)

فرمائیں گے جس وقت غلاموں کی شفاعت میں بھی ہوں غلام آپ کا مجھ کو نہ بھلانا

فرما کے شفاعت مری اے شافعِ محشر! دوزخ سے بچا کر مجھے جنت میں بسانا

## حضور کي شعبان جا روزا پسند هئڻ جو سبب

**جنتي صحابي، حضرت اسامہ بن زيد** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ **عرض ڪيو:** يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان ڏسان ٿو ته توهان جهڙي طرح شعبان جا روزا رکو ٿا اهڙي طرح ڪنهن ٻي مهيني ۾ روزا نٿا رکو. فرمايائون: رجب ۽ رمضان جي وچ ۾ هيءُ مهينو آهي، ماڻهو هن کان غافل آهن. هن ۾ ماڻهن جا اعمال الله ڪريم جي بارگاھ ۾ پيش ڪيا ويندا آهن ۽ مون کي هيءُ محبوب (يعني پسند) آهي ته منهنجو عمل هن حال ۾ ڪنيو وڃي جو مان روزي سان هجان. (نسائي، ص387، حديث:2354)

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو اهو عمل يقيناً اسان غلامن جي تعليم جي لاءِ هو تڏهن تہ فرمايو: ”رجب ۽ رمضان جي وچ ۾ هيءُ مهينو آهي“ ماڻهو هن کان غافل آهن.“ تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان خوابِ غفلت مان بيدار ٿي وڃون، نيڪين ۾ اضافو ڪيون ۽ آخرت کي بهتر بنائڻ جي فڪر ڪيون پڻ هن چڱي نيت سان ماهِ شعبان جا روزا رکڻ ۾ دلچسپي رکون تہ هن مهيني ۾ جڏهن اسان جو اعمالنامو اسان جي پياري الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيو وڃي تہ اي ڪاش! اسان بہ روزي سان هجون.

يُوں ميرا دنيا سے سفر ہو ان کی چوکھٹ ميرا سر ہو
پيشِ نظر ہو اُن کا جلوہ يااللہ مری جھولی بھر دے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## شبِّ برات

پيارا اسلامي ڀائرو! شعبان المعظم جي پندرهين رات يعني شبِّ برات وڏي بابرڪت رات آهي. هن رات الله پاڪ جي خوب رحمتن، برڪتن جو نزول ٿيندو آهي. الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ هن رات خاص طور تي پنهنجي دنيا و آخرت جي ڀلائي جي دعا گهرڻ گهرجي ڇوتہ هن رات دعائون قبول ٿينديون آهن، الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پنج راتين جي باري ۾ فرمايو تہ انهن ۾ دعا ردّ ناهي ڪئي ويندي جن مان هڪ شعبان جي پندرهين رات(يعني شبِّ برات بہ) آهي. (جامع صغير، ص 241، حديث:3952، مختصراً)

## شبِّ برات جا پندرهن نالا

**حضرت** علامہ علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: شبِّ برات جا چار نالا آهن: لَيْلَةُ المُبَارَكة (يعني برڪت واري رات)، لَيْلَةُ الْبَرَاءَة (يعني ڇوٽڪاري واري رات) لَيْلَةُ الصَّك (دستاويز واري رات)، لَيْلَةُ الرَّحْمَة (رحمت واري رات). وڌيڪ فرمائن ٿا: ان کي لَيْلَةُ الْبَرَاءَة (يعني ڇوٽڪاري واري رات) لَيْلَةُ الصَّك (دستاويز واري رات)، انڪري چون ٿا جو جڏهن تاجر مالڪ سان ان جو اناج وصول ڪري وٺندو آهي تہ ان جي لاءِ براءت نامو لکي ڇڏيندو آهي. انهيءَ طرح الله پاڪ هن رات پنهنجي مؤمن ٻانهن جي لاءِ براءت نامو لکي ڇڏيندو آهي. (التبيان في بيان مافي ليلة النصف من شعبان، جلد 3 ص 41)

حضرت علامہ سيّد محمد بن علوي مالڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌي ڪجهہ ٻيا نالا بہ ذڪر ڪيا آهن: لَيْلَةُ الْقِسْمَة، لَيْلَةُ التَّكْفِيْر ڇوتہ هن رات گناهہ مٽايا ويندا آهن، لَيلة الْاِجَابَة، ڇوتہ هن رات ۾ دعا قبول ٿيندي آهي، لَيْلَةُ الحَيَاةِ، لَيْلَةُ عِيدِ الملائِكة (يعني ملائڪن جي عيد جي رات)، لَيْلَةُ الشَّفَاعَة، لَيْلَةُ الْجَائِزَة، لَيْلَةُ الرُّجْحَان، لَيْلَةُ التَّعْظِيم، لَيْلَةُ الْقَدْر، لَيْلَةُ الْغُفْرَان، (ماذا في شعبان، ص 72 کان 75)

## رحمت جا ٽي سو (300) دروازا

جنتي صحابي اُبي بن ڪعب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مون وٽ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام شبِّ برات ۾ حاضر ٿيو ۽ مونکي چوڻ لڳو تہ اٿي نماز ادا فرمايو ۽ پنهنجو مٿو ۽ هٿ مبارڪ آسمان جي طرف کڻو. مون پڇيو: اي جبريل عَلَيْهِ السَّلَام! هيءَ ڪهڙي رات آهي؟ عرض ڪيو: يَا مُحَمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هيءَ اها رات آهي جو جنهن ۾ آسمان ۽ رحمت جا 300 دروازا کوليا ويندا آهن، الله

پاڪ سان شرڪ ڪندڙن، هڪٻئي ۾ بغض و ڪينو رکڻ وارن، شرابين ۽ بدڪارن کان علاوه سيني جي مغفرت ڪئي ويندي آهي. انهن ماڻهن جي ان وقت تائين مغفرت ناهي ٿيندي جيستائين توبہ نہ ڪري وٺن. البتہ شراب جي عادي جي لاءِ رحمت جي دروازن مان هڪ دروازو ڪليو ڇڏيو ويندو آهي ايستائين جو توبہ ڪري وٺي، جڏهن اُهو توبہ ڪري وٺندو آهي ان جي مغفرت ڪئي ويندي آهي، انهيءَ طرح ڪينو رکڻ واري جي لاءِ بہ رحمت جي دروازن مان هڪ دروازو ڪليو ڇڏيو ويندو آهي ايستائين جو اهو پنهنجي ساٿي (يعني جنهن سان ڪينو رکندو آهي) سان ڳالهائڻ لڳي. جڏهن اُهو ان سان ڳالهائڻ لڳندو آهي تہ ان جي بہ مغفرت ڪئي ويندي آهي، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اي جبريل! جيڪڏهن اهو پنهنجي ساٿي سان ڪلام نہ ڪري ايستائين جو شبِّ براءت گذري وڃي تہ پوءِ......؟ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: جيڪڏهن اُهو انهيءَ حالت تي رهيو ايستائين جو (سڪرات جي سبب) ان جي سيني ۾ ساهہ اٽڪي پئي تڏهن بہ ان جي لاءِ رحمت جو دروازو ڪليل رهندو آهي، جيڪڏهن اهو(موت کان پهريان بغض کان) توبہ ڪري وٺي تہ اُن جي توبہ قبول آهي پوءِ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنت البقيع جي طرف تشريف وٺي ويا ۽ سجدي ۾ وڃي هنن الفاظن ۾ دعا گهريائون: اَعُوْذُ بِعَفْوِكَ مِنْ عِقَابِكَ وَ اَعُوْذُ بِرِضَاكَ مِنْ سَخَطِكَ وَ اَعُوْذُبِكَ مِنْكَ جَلَّ ثَنَاءُكَ لَا اَبْلُغُ الثَّنَاءَ عَلَيْكَ اَنْتَ كَمَا اَثْنَيْتَ عَلٰى نَفْسِكَ (يعني اي الله پاڪ!) مان تنهنجي عذاب کان تنهنجي مُعافي، تنهنجي ناراضگي کان تنهنجي رضا ۽ توکان تنهنجي پناهہ طلب ڪيان ٿو، تنهنجي تعريف بلند آهي، مان تنهنجي تعريف جو حق ادا

نتو ڪري سگھان، تنھنجو حقيقي شان اھو ئي آھي جيڪو تو پاڻ بيان ڪيو آھي،

رات جي چوٿين پھر ۾ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام نازل ٿيا ۽ عرض ڪيو، يا محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! پنھنجو مٿو مبارڪ آسمان جي طرف ڪڻو، پاڻ سڳورن پنھنجو مٿو مبارڪ آسمان جي طرف ڪنيو تہ ڏٺائون تہ رحمت جا دروازا کليل آھن ۽ ھر دروازي تي ھڪ ملائڪ آواز ڏئي رھيو آھي، (پھرين دروازي تي ھڪ ملائڪ ھيئن پڪاري رھيو آھي تہ) مبارڪ ھجي ان کي جيڪو ھن رات عبادت ڪري، ٻي دروازي تي بہ ھڪ ملائڪ ھيئن پڪاري رھيو آھي تہ مبارڪ ھجي ان کي جيڪو ھن رات ۾ سجدو ڪري، ٽئين دروازي تي بہ ھڪ ملائڪ پڪاري رھيو آھي تہ مبارڪ ھجي ان کي جيڪو ھن رات ۾ رڪوع ڪري، چوٿين دروازي تي بہ ھڪ ملائڪ صدا لڳائي رھيو آھي تہ مبارڪ ھجي ان کي جيڪو ھن رات ۾ پنھنجي ربّ ڪريم سان دعا گھري، پنجين دروازي تي بہ ھڪ ملائڪ ھيئن آواز لڳائي رھيو آھي تہ مبارڪ ھجي ان کي جيڪو ھن رات پنھنجي ربّ ڪريم سان دعا ڪرڻ ۾ مشغول ھجي، ڇھين دروازي تي بہ ھڪ ملائڪ پڪاري رھيو آھي تہ ھن رات ۾ مسلمانن کي مبارڪ ھجي، ستين دروازي تي بہ ھڪ ملائڪ پڪاري رھيو آھي تہ الله پاڪ کي ھڪ مڃڻ وارن کي مبارڪ ھجي، اٺين دروازي تي بہ ھڪ ملائڪ پڪاري رھيو آھي تہ آھي ڪو توبہ ڪرڻ وارو جو ان جي توبہ قبول ڪئي وڃي؟ نائين دروازي تي بہ ھڪ ملائڪ صدا لڳائي رھيو آھي تہ آھي ڪو مغفرت طلب ڪرڻ وارو جو ان جي مغفرت ڪئي وڃي؟ ۽ ڏھين دروازي تي بہ ھڪ ملائڪ پڪاري رھيو آھي تہ آھي ڪو دعا ڪرڻ وارو جو ان

جي دعا قبول ڪئي وڃي؟ پوءِ رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي جبريل! رحمت جا هي دروازا ڪيستائين کليل رهندا آهن؟ عرض ڪيو: رات جي ابتدائي حصي کان طلوعِ فجر تائين. پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: هن رات ٻڪرين جي وارن کان به وڌيڪ ماڻهن جي مغفرت ڪئي ويندي، انهيءَ رات ماڻهن جي سڄي سال جا عمل (آسمان جي طرف) بلند ڪيا ويندا آهن ۽ انهيءَ رات رزق تقسيم ڪيو ويندو آهي. (تاريخِ ابن عساکر، جلد51، ص 72-73)

رحمت کا ہے دروازہ کُھلا مانگ ارے مانگ
دیتا ہے کرم اُن کا صدا مانگ ارے مانگ
بھر جائے گا کشکول مرادوں سے ترا بھی
بن کر میرے آقا کا گدا مانگ ارے مانگ
سرکار سے سرکار کو مانگوں گا نیازی
سرکار نے جس وقت کہا مانگ ارے مانگ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## فرشتن جي عيد

**حضرت** سيّدنا امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: چيو ويو آهي ته آسمان جي ملائڪن جي لاءِ به راتيون عيد ۽ خوشي جون آهن جيئن دنيا ۾ مسلمانن جي لاءِ به عيدون آهن، (1) پندرهين شعبان جي رات ۽ (2) ليلةُ القدر.

## سڄي سال جي گناهن جو ڪفارو

**حضرت** امام تقي الدين سبڪي شافعي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ پنهنجي تفسير ۾ فرمائن ٿا: هيءَ رات سڄي سال جي گناهن جو ڪفارو بڻجندي آهي، شبِّ جمعه سڄي هفتي جي گناهن جو ڪفارو ۽ ليلة القدر سڄي

عمر جي گناهن جو ڪفارو هوندي آهي يعني انهن راتين ۾ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ ۽ يادِ الٰهي ۾ سڄي رات جاڳي گذارڻ گناهن جي ڪفاري جو سبب هوندو آهي انهيءَ ڪري انهن راتين کي ڪفاري جي رات بہ چيو ويندوآهي. (مڪاشفة القلوب، ص 303)

## جنت سجائي ويندي آهي

**حضرت** ڪعب الاحبار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ شعبان جي پندرهين رات جبريل عَلَيْهِ السَّلَام کي جنت جي طرف موڪليندو آهي، اهو جنت کي آراستہ ٿيڻ جو حڪم ڏيندو آهي ۽ فرمائيندو آهي: الله پاڪ تنهنجي هن رات ۾ آسمانن جي تارن، دنياوي ڏينهن ۽ راتين، وڻن جي پنن، جبل جي وزن ۽ واريءَ جي ذرن جي برابر ماڻهن کي جهنم کان آزاد فرمائيندو آهي. (ماذافي شعبان، ص 87)

صفِ ماتم اٹھے خالی ہو زنداں ٹوٹیں زنجیریں
گنہگارو چلو مولیٰ نے در کھولا ہے جنت کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شبّ برات ۾ پياري نبي جون عبادتون

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شبّ برات ۾ مختلف مقامات تي مختلف انداز ۾ عبادات ڪندا هئا. جيئن حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِىَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيهي ۽ ويهي مسلسل نماز پڙهندا رهيا ايسيتائين جو صبح ٿي ويو،

صبح تائين حضور اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پير مبارڪ سڄي ويا هئا جيئن ته مان پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ قدمن کي زور (پيٽا) ڏيڻ لڳيس. (الدعوات الکبير، جلد2 ص 145، حديث: 430 ماخوذا)

اي عاشقانِ رسول! ڪڏهن ائين به ٿيو ته امت سان پيار ڪرڻ وارا پيارا آقا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شبِّ برات ۾ قبرستان تشريف کڻي ويا ۽ اُتي وڃي پنهنجي ربّ کان قبر وارن جي لاءِ دعائون گهريون، جيئن ته حضرت سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون ته مون حضور نبي ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پندرهن شعبان جي رات جنت البقيع ۾ اهڙي حالت ۾ پاتو جو پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسلمان مردن، عورتن ۽ شهيدن جي لاءِ دعاءِ مغفرت فرمائي رهيا هئا. (شعب الايمان، جلد3 ص 284، حديث:3837)

صد شکر خدایا تو نے دیا، ہے رحمت والا وہ آقا
جو امت کے رنج و غم میں، راتوں کو اشک بہاتا رہے

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته رحمت و مغفرت واري هن مبارڪ رات کي عبادت ڪندي ذڪر ودعا ۾ گذاريون، پنهنجي ۽ سڄي امت جي مغفرت جي دعا سان گڏوگڏ قبرستان وڃي پنهنجي مرحومن جي لاءِ به دعاءِ مغفرت ڪيو.

## شبّ برات ۾ قبرستان وڃڻ

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مان توهان کي قبرن جي زيارت کان منع ڪندو هيس هاڻي پلي قبرن جي زيارت ڪندا ڪيو جو بيشڪ اها(قبرن جي زيارت) دنيا کان بي رغبت ڪري ٿي ۽ آخرت جي ياد ڏياري ٿي. (ابن ماجه، جلد2 ص 252، حديث:1571)

خبر پئي تہ وقت بہ وقت قبرستان ويندو رهڻ گهرجي تہ جيئن قبرن کي ڏسي اسان جي دل ۾ فڪر آخرت پيدا ٿئي.

## پنهنجي مرحومن کي بہ يادرڪو

صحابي ابن صحابي، جنّتي ابن جنّتي حضرت سيدنا عبد الله ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا کان روايت آهي تہ جڏهن شب براءت ايندي آهي تہ (مؤمن) مردا پنهنجي قبرن مان نڪري پنهنجي گهرن جي دروازن تي بيهي رهندا آهن ۽ چوندا آهن: اسان تي صدقو ڪري رحم ڪيو جيتوڻيڪ ماني جو هڪ گرهہ ئي چونہ هجي، چوتہ اسان هن جا ضرورتمند آهيون. جيڪڏهن اهي (صدقوڪيل) ڪا شيءِ ناهن ڏسندا تہ حسرت سان واپس موٽي ويندا آهن. (فتاويٰ رضويہ جلد14،ص694. الدرر الحسان في البعث ونعيم الجنان، ص33)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!    صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## رسول اڪرم جي ڏوهٽي جو شبّ براءت ۾ معمول

جنّتي ابن جنتي، نواسہِ رسول حضرت امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ شب براءت جا ٽي حصا ڪندا هئا. هڪ ٽهائي حصي ۾ الله پاڪ جي هن فرمان یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَیْهِ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِیْمًا﴿۵۶﴾ (ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! ان تي درود ۽ خوب سلام موڪليو.) تي عمل ڪندي پنهنجي نانا سائين تي درود پاڪ پڙهندا هئا، هڪ ٽهائي حصي ۾ توبہ و استغفار ڪندا ۽ آخري ٽهائي حصي ۾ الله پاڪ جي فرمان تي عمل ڪندي رڪوع و سجود ڪندا هئا. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ارشاد فرمايو: مون پنهنجي والدِ محترم (يعني حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ) کان

ٻڌو آهي تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو نصف شعبان (يعني شب براءت) جي رات کي زنده ڪندو (يعني اُن رات عبادت ڪندو) اُهو مُقَرّبِين ۾ لکيو ويندو. (القول البديع، ص396)

## شبِّ براءت ۾ عبادت ڪرڻ مستحب آهي

حضرت خالد بن معدان، حضرت لقمان بن عامر ۽ ٻيا بزرگادين دين رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْهِم شعبان المعظم جي پندرهين رات(يعني شب براءت) ۾ سنو لباس پائيندا، خوشبو لڳائيندا، سرمو پائيندا ۽ رات جو مسجد ۾ جمع ٿي عبادت ڪندا هئا. حضرت اسحاق بن راهُوَيَہ رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه بہ انهيءَ ڳالھ جي تائيد ڪندي هن رات مسجدن ۾ جمع ٿي نفلي عبادت ڪرڻ جي باري ۾ فرمائن ٿا: هي ڪا بدعت (يعني برو ڪم) ناهي." (مافي شعبان، ص 75) حضرت علامہ شهاب الدين احمد بن حجازي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: شبّ براءت ۾ عبادت ڪرڻ مستحب آهي. (مافي شعبان، ص 85 تحفة الاخوان في قراءة الميعاد ي 65)

## ستر هزار ملائڪ دعاءِ مغفرت ڪندا

حضرت علامہ علي قاري رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: شبّ براءت ۾ سوره دخان پڙهڻ مستحب آهي. جنتّي صحابي، حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو رات جو حٰم الدخان جي تلاوت ڪندو تہ اهو صبح هن حال ۾ اٿندو جو ستر هزار ملائڪ ان جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪري رهيا هوندا. (التبيان في بيان ليلة النصف من شعبان...الخ جلد3 ص 52)

## شب برات ۾ اسلاف جي دعا

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! ڪيئي صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم ۽

بزرگانِ دين کان ثابت آهي تہ اهي هن رات (بطورِ عاجزي) اها دعا گهرندا هئا: اَللّٰهُمَّ اِنْ كُنْتَ كَتَبْتَنَا اَشْقِيَاءَ فَامْحُهُ وَاكْتُبْنَا سُعَدَاءَ وَاِنْ كُنْتَ كَتَبْتَنَا سُعَدَاءَ فَاَثْبِتْنَا فَاِنَّكَ تَمْحُوا مَا تَشَاءُ وَتُثْبِتُ وَعِنْدَكَ اُمُّ الْكِتَابِ ترجمو: اي الله پاڪ! جيڪڏهن تو اسان کي بدبخت لکيو آهي تہ تون ان کي مٽائي ڇڏ ۽ اسان کي سعادت مند لکي ڇڏ ۽ جيڪڏهن تو اسان کي سعادتمند لکيو آهي تہ انکي ثابت رک، بيشڪ جيڪو تون چاهيندو آهين ان کي مٽائي ڇڏيندو آهين ۽ جيڪو چاهيندو آهين ثابت رکندو آهين ۽ تو وٽ ئي اُمُّ الڪتاب آهي. (التبيان في بيان مافي ليلة النصف من شعبان......الخ، جلد3 ص51)

## شبّ براءت ڪيئن گذاريون

پيارا اسلامي ڀائرو! مشهور مفسر حضرت مفتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن مهيني جي پندرهين رات جنهن کي شبّ برات چيو وڃي ٿو تمام مبارڪ رات آهي. هن ۾ قبرستان وڃڻ، اتي فاتحہ پڙهڻ سنت آهي، انهيءَ طرح بزرگانِ دين جي مزارن تي حاضر ٿيڻ بہ ثواب آهي جيڪڏهن ٿي سگهي تہ چوڏهين تاريخ ۽ پندرهين تاريخ تي روزو رکو، پندرهين تاريخ تي حلوو وغيره بزرگانِ دين جي فاتحہ پڙهي صدقو خيرات ڪري ۽ پندرهين رات جو سڄي رات جاڳي نفل پڙهي ۽ ان رات تي هر مسلمان هڪبئي کان غلطين جون معافيون وٺن، قرض وغيره هجي تہ ادا ڪن ڇوتہ بغض واري مسلمان جي دعا قبول

ناهي ٽيندي. وڏيڪ فرمائن ٿا: جيڪڏهن سڄي رات جاڳي نہ سگهو تہ جيتري قدر ٿي سگهي عبادت ڪري ۽ قبرن جي زيارت ڪري. جيڪڏهن ان رات ست پن ٻير جا، پاڻي ۾ جوش ڏئي غسل ڪري تہ اِنْ شَآءَاللّٰه! سڄو سال جادو کان محفوظ رهندو. (اسلامي زندگي، ص134)

بگڑی قسمت سنو، جائے گی ہو نظر سُوئے لوح و قلم، تاجدارِ حرم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد


اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "مدني قافلن" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net